# نماز پڙهڻ جا ثواب

سنڌي



شيخ طريقت، امير اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال

مُحمّد اِلياس عَطّار قادِري رَضَوي

دامت برکاتهم العالية

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڙهيو اِنۡ شَآءَالله جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افۡتَحۡ عَلَيۡنَا حِكۡمَتَكَ وَانۡشُرۡ عَلَيۡنَا رَحۡمَتَكَ يَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِكۡرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفكربيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: نماز پڙهڻ جا ثواب

ڇاپو پهريون: شوال المڪرم 1443ھ جون 2022ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري**

جي ڪتاب ”فيضان نماز“ مان ورتل رسالو

# نماز پڙهڻ جا ثواب

**پيشڪش**

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

**ترجمو**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

# فهرست

نماز پڙهڻ جا ثواب ........................................ 1
دُرُود شريف جي فضيلت ........................................ 1
آقا ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم 20 هزار نمازون پڙهيون ................ 1
نماز ڪنهن تي فرض آهي ........................................ 2
نماز اسان جي لاءِ انعام آهي ........................................ 2
”فرض نماز جي سنتن اڪرن جي نسبت سان نماز جي باري ۾ ست آيتون“ . 2
نماز جا مختلف 25 فضائل ........................................ 5
چور جڏهن نماز پڙهي (حڪايت) ........................................ 6
نماز جي وقتن جو خيال رکڻ جي فضيلت ........................................ 7
پوءِ نماز ناهي ٿيندي..........! ........................................ 8
هاڻي وقتن بابت ڄاڻ مشڪل ناهي رهي ........................................ 8
زمين مان دينار ڪڍڻ وارو نمازي (حڪايت) ........................................ 9
اسلام جا پنج رڪن آهن ........................................ 12
ٻن حالتن کان علاوه نماز معاف ناهي ........................................ 13
امتِ مصطفٰي سان موسٰي جي همدردي ........................................ 14
پنج نمازون پڙهو پنجاهه جو ثواب ڪمايو ........................................ 15
موسٰي عَلَيۡہِ السَّلَام مدد فرمائي ........................................ 15
راندين جو شوقين ........................................ 16
صبر ۽ نماز کان مدد گهرو ........................................ 17

جڏهن بارگاهِ رسالت ۾ ٻُڪ جي حاضري ٿيندي هئي .............. 18
جڏهن پٽ جي وفات جي خبر ملي (حڪايت) ................. 18
مسجد جي هوا ايمان جي درستگي جي لاءِ فائديمند آهي .......... 19
سڪرات ۾ آقا ڪريم جي جلوي جي لذت .................... 20

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# نماز پڙھڻ جا ثواب

(هي مضمون ڪتاب”فيضان نماز“ صفحي 7 کان 22 تان ڪنيو ويو آهي)

## دُرُود شريف جي فضيلت

مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نماز کان بعد حمد ۽ ثناء پڙھڻ واري کي فرمايو: ”دعا گھر قبول ڪئي ويندي، سوال ڪر، ڏنو ويندو.“ (نسائي، ص 220 حديث:1281)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم 20 هزار نمازون پڙھيون

معراج جي رات پنج ئي نمازون فرض ٿيڻ کان پوءِ اسان جي پياري آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي حياتِ ظاهري (يعني دنياوي زندگي) جي يارنهن سال، ڇھ مهينن ۾ تقريبًا 20 هزار نمازون پڙھيون. (در مختار، 6/2 ماخوذا، وغيره) تقريباً 500 جمعا ادا ڪيائون (مراة المناجيح جلد2 ص 346) ۽ عيد جون 9 نمازون پڙھيائون. (ملخّص از سيرت مصطفي ص 239)
قرآنِ ڪريم ۾ نماز جو ذڪر ڪيترن ئي هنڌن تي آيو آهي.

اي خوش قسمت عاشقانِ نماز! منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: پنج وقت جي نماز الله ڪريم جي اها عظيم نعمت آهي جيڪا ان پنهنجي عظيم ڪرم سان خاص اسان کي عطا ڪئي اسان کان پهريان ڪنهن امت کي نه ملي. (فتاويٰ رضويه جلد5 ص43)

## نماز ڪنهن تي فرض آهي

هر مسلمان عاقل بالغ مرد ۽ عورت تي روزانو پنج وقت جي نماز فرض آهي. ان جي فرضيت (يعني فرض هئڻ) جو انڪار ڪرڻ ڪفر آهي. جيڪو ڄاڻي واڻي هڪ نماز ڇڏي ڏئي اهو فاسق، وڏو گنهگار ۽ عذابِ نار (باهه جي عذاب) جو حقدار آهي.

جنت اے بے نمازیو! کس طرح پاؤ گے؟
ناراض رب ہوا تو جہنم میں جاؤ گے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## نماز اسان جي لاءِ انعام آهي

صد ڪروڙ افسوس! اَڄُ اڪثر مسلمانن کي نماز جي بلڪل پرواهه ئي ناهي رهي، اسان جون مسجدون نمازين کان خالي نظر اچن ٿيون. الله پاڪ نماز فرض ڪري اسان تي يقينن وڏو احسان ڪيو آهي، اسان رڳو ٿوري ڪوشش ڪريون، نماز پڙهون ته الله ڪريم اسان کي تمام گهڻو اجر ۽ ثواب عطا فرمائيندو.

## "فرض نماز جي سنتن اڪرن جي نسبت سان نماز جي باري ۾ ست آيتون"

(1) سيپاري 18 سورة المؤمنون جي آيت نمبر 10، 11، 9 ۾ ارشادِ رباني ٿئي ٿو:

وَ الَّذِيۡنَ هُمۡ عَلٰى صَلَوٰتِهِمۡ يُحَافِظُوۡنَ ۘ﴿۹﴾ اُولٰٓـئِكَ هُمُ الۡوٰرِثُوۡنَ ۙ﴿۱۰﴾ الَّذِيۡنَ يَرِثُوۡنَ الۡفِرۡدَوۡسَ ؕ هُمۡ فِيۡهَا خٰلِدُوۡنَ ﴿۱۱﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ جيڪي پنهنجين نمازن جي حفاظت ڪندا آهن. اهي ئي ماڻهو وارث آهن. اهي (جنت) الفردوس جا وارث ٿيندا سي ان ۾ هميشه رهندا.

(2) اللّٰه پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ جڳهه بہ جڳهه نماز بابت تاڪيد فرمايو آهي، سيپاري 16 سورة طٰهٰ جي آيت نمبر 14 ۾ ارشادِ خداوندي آهي:

وَ اَقِمِ الصَّلٰوةَ لِذِكۡرِىۡ ﴿۱۴﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ منهنجي ياد جي واسطي نماز قائم رک.

(3) ۽ اللّٰه ڪريم سيپاري 5 سورة النساء آيت نمبر 103 ۾ ارشاد فرمائي ٿو: اِنَّ الصَّلٰوةَ كَانَتۡ عَلَى الۡمُؤۡمِنِيۡنَ كِتٰبًا مَّوۡقُوۡتًا ﴿۱۰۳﴾

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ نماز مسلمانن تي وقت مقرر ڪيل فرض آهي.

(4) اللّٰه پاڪ سيپاري 12 سورة هود آيت نمبر 114 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ اَقِمِ الصَّلٰوةَ طَرَفَىِ النَّهَارِ وَ زُلَفًا مِّنَ الَّيۡلِ ؕ اِنَّ الۡحَسَنٰتِ يُذۡهِبۡنَ السَّيِّاٰتِ ؕ ذٰلِكَ ذِكۡرٰى لِلذّٰكِرِيۡنَ ﴿۱۱۴﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ نماز قائم رکو ڏينهن جي ٻنهي طرفن ۽ ڪجهه رات جي حصن ۾ بيشڪ چڱايون برايون کي مٽائي ڇڏينديون آهن، هي نصيحت آهي نصيحت مڃيندڙن جي واسطي.

(5) ربِ غفور سيپاري 18 سورة النور جي آيت نمبر 56 ۾ فرمائي ٿو:

وَ اَقِیْمُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتُوا الزَّكٰوةَ وَ اَطِیْعُوا الرَّسُوْلَ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿۵۶﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ نماز قائم رکو ۽ زڪوٰة ادا ڪريو ۽ رسول جي فرمانبرداري ڪريو هن اميد تي جو توهان تي رحم ٿئي.

(6) پاڪ پروردگار سيپاري 21 سورة عنڪبوت جي آيت نمبر 45 ۾ فرمائي ٿو:

اِنَّ الصَّلٰوةَ تَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَآءِ وَ الْمُنْكَرِؕ

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ نماز بي حيائي ۽ بري ڳالهه کان روڪي ٿي.

(7) الله ربُ العزت سيپاري 29 سورة المعارج جي آيت نمبر 34 ۽ 35 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ الَّذِیْنَ هُمْ عَلٰى صَلَاتِهِمْ یُحَافِظُوْنَ ﴿۳۴﴾ اُولٰٓىٕكَ فِیْ جَنّٰتٍ مُّكْرَمُوْنَ ﴿۳۵﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ اهي جيڪي پنهنجي نماز جي حفاظت ڪندا آهن اهي ئي آهن جن جي باغن ۾ عزت ٿيندي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# نماز جا مختلف 25 فضائل

❖ الله پاڪ کي راضي ڪرڻ جو سبب نماز آهي. (تنبيه الغافلين ص150)
❖| مکي مدني صَلَّی اللّٰہ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اکين جي ٺڏاڻ نماز آهي. (سنن ڪبريٰ
للنسائي جلد5 ص280،حديث:8888) ❖ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي سنت نماز آهي.
(تنبيه الغافلين ص151) ❖ نماز اونداهي قبر جو ڏيئو آهي. (تنبيه الغافلين ص151)
❖ نماز عذابِ قبر کان بچائيندي آهي. (الزواجر جلد1ص295) ❖ نماز قيامت
جي تپش کان ڇانوَ آهي. (تنبيه الغافلين ص151) ❖ نماز پل صراط جي لاءِ
آساني آهي. (تنبيه الغافلين ص151) ❖ نماز نور آهي. (مسلم شريف ص115،حديث:534)
❖ نماز جنت جي ڪنجي آهي. (مسند امام احمد جلد5 ص103، حديث:14668) ❖ نماز
جهنم جي عذاب کان بچائيندي آهي. ❖ نماز پڙهڻ سان رحمت نازل
ٿيندي آهي. ❖ الله پاڪ محشر جي ڏينهن نمازيءَ سان راضي ٿيندو.
❖ نماز دين جو ٿنڀ آهي. (شعب الايمان جلد3 ص39، حديث:2808) ❖ نماز سبب گناھ
معاف ٿيندا آهن. (معجم ڪبير جلد6 ص250، حديث:6125) ❖ نماز دعائن جي
قبوليت جو باعث آهي. (تنبيه الغافلين ص151) ❖ نماز بيمارين کان بچائي ٿي.
نماز سان بدن کي سڪون ملي ٿو. ❖ نماز سبب روزيءَ ۾ برڪت
ٿيندي آهي. ❖ نماز بي حيائي ۽ برن ڪمن کان بچائيندي آهي. ❖ نماز
شيطان کي ناپسند آهي. (تنبيه الغافلين ص151) ❖ نماز قبر جي اونداهي ۾
اڪيلائپ جي ساٿي آهي. (تنبيه الغافلين ص151) ❖ نماز نيڪين جي پُڙن کي
وزني بڻائيندي آهي. (تنبيه الغافلين ص151) ❖ نماز مؤمن جي معراج آهي.
(مرقاة المفاتيح جلد1 ص116) ❖ نماز کي وقت تي ادا ڪرڻ سمورن عملن کان

افضل آهي. (تنبيه الغافلين ص 151) ❖ نمازي جي لاءِ سڀ کان وڏي نعمت اها آهي تہ هُو قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جو ديدار ڪندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## چور جڏهن نماز پڙهي (حڪايت)

حضرت سيدتنا رابعہ بَصريہ عَدَوِيّہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا جي گهر رات جي پهر ۾ هڪ چور داخل ٿيو، گهر جي هر پاسي کان تلاشي ورتائين پر هڪ ڪؤنري کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ هٿ نہ آيو، جڏهن اهو شخص وڃڻ لڳو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا فرمايو: جيڪڏهن تون چور آهين تہ خالي نہ ويندي. ان چيو: مون کي تہ ڪابہ شيءِ نہ ملي. فرمايائين: "اي غريب! هن ڪؤنري مان وضو ڪري ڪمري ۾ داخل ٿي وڃ ۽ ٻہ رڪعتون نماز پڙهہ، هتان ڪجھ نہ ڪجھ ضرور ڪٽي ويندين." ان وضو ڪيو ۽ جڏهن نماز جي لاءِ بيٺو تہ حضرت رابعہ عَدَوِيّہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا دعا ڪئي: "اي منهنجا پيارا الله! هي شخص مون وٽ آيو پر ان کي ڪجھ بہ هٿ نہ آيو، هاڻي مون ان کي تنهنجي بارگاهہ ۾ بيهاري ڇڏيو آهي، هن کي پنهنجي فضل ۽ ڪرم کان محروم نہ ڪجان." ان چورکي عبادت جي اهڙي تہ لذت نصيب ٿي جو سڄي رات نماز ۾ مشغول رهيو. سحريءَ جي وقت پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا ان وٽ تشريف ڪٽي ويون تہ اهو سجدي جي حالت ۾ پنهنجي نفس کي جهٽڪندي چئي رهيو هو: "اي نفس! جڏهن منهنجو رب ڪريم مون سان پڇندو تہ منهنجي نافرماني ڪندي توکي شرم نہ آيو! توڙي جو تون منهنجي مخلوق کان گناهہ کي لڪائيندو رهين، پر هاڻي گناهہ ڪٽي منهنجي بارگاهہ ۾ حاضر آهين،! اي نفس! جيڪڏهن رب العزت مونکي ملامت ڪندو ۽ پنهنجي بارگاهِ رحمت کان پري ڪري

ڇڏيندو تہ منهنجو ڇا ٿيندو؟“ جڏهن اهو نماز پڙهي فارغ ٿيو تہ پاڻ رَحمَۃُ اللہِ عَلَيْہا پڇا ڪئي: اي ياءُ رات ڪيئن گذري؟ چيائين: ”عاجزي ۽ انڪساري سان پنهنجي رب ڪريم جي بارگاھ ۾ بيٺو رهيس جو اُن منهنجي ڪيفيت بدلي ڇڏي، منهنجي توبہ قبول ڪئي ۽ منهنجا گناھ بخشي ڇڏيا ۽ مونکي منهنجي مقصد تائين پهچائي ڇڏيو.“ پوءِ اهو شخص چهري تي حيراني ۽ پريشاني جا آثار ڪنيو هليو ويو. حضرت سيِدَتُنا رابعہ بَصريہ رَحمَۃُ اللہِ عَلَيْہا بارگاھِ الٰهي ۾ هٿ کڻي عرض ڪيو: اي منهنجا پيارا پيارا اللہ! اهو شخص تنهنجي بارگاھ ۾ گهڙي کن بيٺو تہ تو ان کي قبول ڪري ورتو ۽ مان ڪيتري عرصي کان تنهنجي بارگاھ ۾ بيٺل آهيان، ڇا تو مونکي بہ قبول فرمائي ورتو آهي؟ اوچتو پاڻ رَحمَۃُ اللہِ عَلَيْہا دل جي ڪنن سان هي آواز ٻڌو: اي رابعہ! اسان ان کي تنهنجي ڪري ئي قبول ڪيو ۽ تنهنجي ئي ڪري پنهنجو مقرب بڻايو. (الروض الفائق، ص 159ملخصا)

اللہ رب العزت جي انهن جي مٿان رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّيْن صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

نگاہ ولی میں وہ تاثیر دیکھی
بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!
صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نماز جي وقتن جو خيال رکڻ جي فضيلت

حضور تاجدارِ مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنت نشان آهي: اللہ پاڪ فرمائي ٿو تہ: ”جيڪڏهن ٻانهو وقت تي نماز پڙهي تہ منهنجو پنهنجي

ٻانهي کان وعدو آهي ته مان ان کي عذاب نه ڏيان ۽ بي حساب جنت ۾ داخل ڪيان.“ (الفردوس بماثور الخطاب جلد3 ص181،حديث:4455)

حضرت ابودَرْداء رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ دوستن کي چيو: جيڪڏهن توهان چاهيو ته مان ضرور قسم کڻندس پوءِ فرمايائون: الله جو قسم! جنهن کان سواءِ ڪوبه معبود (يعني عبادت جي لائق) ناهي، بيشڪ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ سڀ کان وڌيڪ عظمت وارا ماڻهو اهي آهن جيڪي رات ڏينهن سج ۽ چنڊ جو ڌيان رکن ٿا. دوستن عرض ڪيو: اي ابو دَرْداء رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ! ڇا هن مان مؤذن مراد آهن؟ فرمايائون: ”بلڪ جيڪو به مسلمان نماز جي وقت جو خيال رکندو آهي.“ (ڪتاب الثقات جلد4 ص330،حديث:3799)

## پوءِ نماز ناهي ٿيندي..........!

اي عاشقانِ رسول! هاڻي اوهان نماز جي وقتن جو خيال رکڻ جي فضيلت ٻڌي، هر هڪ کي نماز جي وقتن جو خيال رکڻ ضروري آهي. ڪجهه نمازي وقتن جو بلڪل خيال ناهن ڪندا، ايستائين جو سج نڪري ويندو آهي، فجر جو وقت به نڪرڻ لڳندو آهي پوءِ به فجر جي نماز پيا پڙهندا آهن! حالانڪ نمازِ فجر جو سلام ڦيرڻ کان اڳ جيڪڏهن سج جو هڪ ڪرڻو (روشنائيءَ جو ننڍو جُزو ) به نڪتو ته نماز نه ٿيندي. منهنجا آقا اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”وقت ڄاڻڻ (يعني نماز، روزي وغيره جي وقتن جي معلومات رکڻ) ته هر مسلمان تي فرض عين (يعني هر عاقل ۽ بالغ مسلمان تي ضروري) آهي.“ (فتاوٰي رضويه جلد10 ص529)

## هاڻي وقتن بابت ڄاڻ مشڪل ناهي رهي

اي عاشقانِ رسول! اڄڪلهه ترقيءَ جو دور آهي، هاڻي وقتن جي معلومات ايتري مشڪل ناهي رهي، وقت ڄاڻڻ جي لاءِ گهڙيون

موجود آهن. اڳي جا ماڻهو سج، چنڊ ۽ تارا ڏسي وقت معلوم ڪري وٺندا هئا. هاڻي ٻه انهن ئي ذريعن سان معلومات حاصل ڪري تَوقيت (تَو- قِيت) دان عالمَ اسان جي آساني جي لاءِ اوقاتِ نماز ۽ سحر ۽ افطار جو نقشو تيار ڪن ٿا ۽ عام طور اسان جي مسجدن ۾ اهي نقشا لڳل ٻه هوندا آهن.[1]

## زمين مان دينار ڪيڻ وارو نمازي (حڪايت)

حضرت ابوبڪر بن فَضل رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا تہ مون پنهنجي هڪ رومي دوست کان ڄڏهن اصرار ڪري اسلام آڻڻ جو سبب پڇيو تہ ان ٻڌايو: اسان جي ملڪ تي مسلمانن جي لشڪر حملو ڪيو، جنگ تي

[1] الحمدالله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ، ”دعوتِ اسلاميءَ“ جي زيرِ اهتمام ”مجلسِ توقيت“ گذريل ڪيئي سالن کان وقتي اعلىٰ حضرت، امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي تحقيق مطابق سڄي دنيا جي مسلمانن جي رهنمائي لاءِ درست اوقاتِ نماز ۽ قبلي جي طرف جي متعلق ڪوشش ڪري رهي آهي. (هن وقت) پاڪستان جي ڪيئي وڏن وڏن شهرن جا نِظامُ الۡاَوقات (time table) ڇپجي چڪا آهن جيڪي ”مڪتبة المدينہ“ جي مختلف شاخن تان حاصل ڪري سگھجن ٿا. وڏيڪ ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ جي ڪثير شهرن جي”نظام الاوقات“ جي ڇپائيءَ جو سلسلو جاري آهي. هن نظام الاوقات ۾ شهرن جي ويڪر ۽ بلند عمارتن جو لحاظ رکڻ سان گڏوگڏ آئنده 26 سالن جو ممڪن صورت ۾ فرق ٻه شرعي احتياط سان شامل ڪيو ويو آهي. ياد رهي تہ هر سال اوقاتِ نماز ۾ ڪجھ نہ ڪجھ فرق ايندو آهي جيڪو هر چوٿين سال تقريبن درست ٿي ويندو آهي تنهنڪري وڏيڪ درستگي جي لاءِ آئنده 26 سالن جو ممڪن صورت ۾ فرق ٻه شرعي احتياط سان شامل ڪيو ويو آهي پڻ مجلس جي تحت تيار ٿيڻ واريون مختلف موبائل ايپليڪيشنز، آن لائن نِظامُ الاوقات کان علاوه اوقاتُ الصلوٰة سافٽ ويئر جي ذريعي ٻه سڄي دنيا جي تقريبن 27 لک مقامن جا نظام الاوقات ۽ قبلي جا طرف معلوم ڪري سگھجن ٿا.)

پئي، ڪجھ ماڻهو اسان جا قتل ٿيا ۽ ڪجھ مسلمانن جا. مون اڪيلي ڏهن مسلمانن کي قيدي بڻائي ورتو. ملڪِ رُوم ۾ منهنجو تمام وڏو گهر هو، مون انهن سڀني کي پنهنجي خادمن جي حوالي ڪري ڇڏيو. خادمن انهن کي زنجيرن ۾ ٻڌي خچرن تي سامان لڏڻ جي ڪم ۾ لڳائي ڇڏيو. هڪ ڏينهن مون انهن قيدين تي مقرر هڪ خادم کي ڏٺو ته اُن هڪ قيديءَ کان ڪجھ ورتو ۽ ان کي نماز پڙهڻ جي لاءِ ڇڏي ڏنائين. مون ان خادم کي پڪڙي ماريو ۽ پڇيو: ٻڌاءِ! تون هن قيدي کان ڇا وٺندو آهين؟ تنهن تي ان ٻڌايو: هي هر نماز جي وقت مونکي هڪ دينار (يعني سونو سڪو) ڏيندو آهي. مون پڇا ڪئي: ڇا ان وٽ دينار آهن؟ ان ٻڌايو: نه، پر جڏهن اهو نماز کان فارغ ٿيندو آهي ته پنهنجو هٿ زمين تي هڻندو آهي ۽ اُن مان هڪ دينار ڪڍي مونکي ڏيندو آهي! (خادم جي اها ڳالھ ٻڌي) مونکي شوق ٿيو ته مان ان جي حقيقت ڄاڻان. جڏهن ٻيو ڏينهن ٿيو ته مان اُن خادم جو يونيفارم (لباس) پائي ان جي جڳھ تي ويهي رهيس. جڏهن ظهر جو وقت ٿيو ته اُن مونکي اشارو ڪيو ته مونکي نماز پڙهڻ ڏيو ته مان توکي هڪ دينار ڏيندس. مون چيو: مان ٻن دينارن کان گهٽ نه وٺندس. ان چيو: نيڪ آهي. مون ان کي زنجيزن مان آزاد ڪري ڇڏيو، ان نماز پڙهي. جڏهن فارغ ٿيو ته مون ڏٺو ته اُن پنهنجو هٿ زمين تي هنيو ۽ زمين مان ٻه دينار ڪڍي مونکي ڏنائين. جڏهن عصر جي نماز جو وقت ٿيو ته اُن مونکي پهريان وانگر اشارو ڪيو. مون ان کي اشاري ۾ چيو ته پنجن دينارن کان گهٽ نه وٺندس. ان مڃي ورتو. پوءِ جڏهن مغرب جو وقت ٿيو ته معمول موجب مونکي ان اشارو ڪيو ته مون چيومانس: مان ڏهن دينارن کان گهٽ نه وٺندس. ان منهنجي ڳالھ مڃي ورتي. ۽

جڏهن نماز کان فارغ ٿيو ته زمين مان ڏهه دينار کڍي مونکي ڏنائين ۽ جڏهن عشاء جي نماز جو وقت ٿيو ته معمول مطابق اُن مونکي اشارو ڪيو. مون چيو: مان ويهه دينارن کان گهٽ نه وٺندس. پوءِ به اُن منهنجي ڳالهه مڃي ورتي ۽ نماز کان فارغ ٿي ان زمين مان ويهه دينار ڪڍيا ۽ مونکي ڏيندي چوڻ لڳو: جيڪو گهرڻو اٿئي گهر! منهنجو رب وڏو غني ۽ ڪريم آهي، مان ان کان جيڪو گهرندس اهو عطا ڪندو. ان جي اهڙي ڪيفيت ڏسي مونکي يقين ٿي ويو ته هي وليُ الله آهي، مون تي ان جو رُعب ويهي ويو ۽ مون ان کي زنجيرن مان آزاد ڪري ڇڏيو ۽ اها رات مون روئي گذاري.

جڏهن صبح ٿيو ته مون ان کي سڏي ان جي تعظيم ۽ توقير ڪئي، ان کي پنهنجو پسنديده نئون لباس پارايو ۽ اختيار ڏنو ته اوهان چاهيو ته اسان جي شهر ۾ عزت واري گهر يا محل ۾ رهو يا چاهيو ته پنهنجي شهر هليا وڃو. ان پنهنجي شهر وڃڻ پسند ڪيو. مون هڪ خچر گهرايو ۽ سفري سامان ڏئي ان کي خچر تي پاڻ سوار ڪيو. ان مونکي دعا ڏني: ”الله پاڪ پنهنجي پسنديده دين تي تنهنجو خاتمو فرمائي“ ان جو اهو جملو اڃان مڪمل به نه ٿيو هو ته منهنجي دل ۾ دينِ اسلام جي محبت گهر ڪري وئي، پوءِ مون پنهنجا ڏهه غلام ان سان گڏ موڪليا. انهن کي حڪم ڏنو ته هن کي نهايت احترام سان وٺي وڃو. پوءِ ان کي مَسُ ۽ ڪاغذ ڏنو ۽ هڪ نشاني مقرر ڪري ورتي ته جڏهن اهو حفاظت سان پنهنجي مقام پهچي وڃي ته هُو اتان نشاني لکي ڪري مون ڏانهن موڪلي. اسان جي ۽ اُن جي شهر جي وچ ۾ پنجن ڏينهن جو فاصلو هو. جڏهن ڇهون ڏينهن آيو ته منهنجا خادم مون وٽ آيا، انهن وٽ هڪ ڪارڊ به هو جنهن ۾ ان جو خط ۽ اها علامت

موجود هئي. مون پنهنجي خادمن کان جلدي پهچڻ جو سبب پڇيو تہ انهن ٻڌايو تہ جڏهن اسان ان سان گڏ هتان نڪتاسون تہ اسان ڪنهن ٿڪاوٽ ۽ مشقت جي بنا هڪ لمحي ۾ اتي پهچي وياسون، پر واپسي تي اهو ئي سفر پنجن ڏينهن ۾ طئي ٿيو. انهن جي اها ڳالهہ ٻڌندي ئي مون پڑهيو: اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَ اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللهِ وَاَنَّ دِيْنَ الْاِسْلَامِ حَقٌّ (ترجمو: مان گواهي ڏيان ٿو تہ الله کانسواءِ ڪوبہ معبود ناهي ۽ مان گواهي ڏيان ٿو تہ يقيناً حضرت محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) الله پاڪ جا رسول آهن ۽ بيشڪ دين اسلام حق آهي) پوءِ مان رُوم شهر مان نڪري مسلمانن جي شهر آيس. (حکايتيں اور نصيحتيں، ص، ۱۷۹) الله رَبُّ العزّت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

کیوں کرنہ میرے کام بنیں غیب سے حسن
بندہ بھی ہوں توکیسے بڑے کارساز کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اسلام جا پنج رڪن آهن

صحابي ابنِ صحابي سيدنا عبدالله ابنِ عُمَر رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي، سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا تہ اسلام جو بنياد پنج شين تي آهي: (1) هن ڳالهہ جي گواهي ڏيڻ تہ الله پاڪ کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي ۽ محمد ان جا خاص ٻانها ۽ رسول آهن ۽ (2) نماز قائم ڪرڻ (3) زڪوٰة ڏيڻ (4) حج ڪرڻ (5) رمضان جا روزا رکڻ. (بخاري شريف جلد1 ص14 حديث8)

## ٻن حالتن کان علاوه نماز معاف ناهي

**اي عاشقانِ رسول!** اسلام جي ڪلمي کانپوءِ اسلام جو سڀ کان وڏو رڪن نماز آهي، هر عاقل بالغ مسلمان مرد ۽ عورت تي فرضِ عين (يعني جنهن جو ادا ڪرڻ هر عاقل ۽ بالغ مسلمان تي ضروري) (جنتي زيور ص209) آهي. جو ٻن صورتن کان علاوه ڪهڙي صوررت ۾ به معاف ناهي (1) چريائپ يا بيهوشي مسلسل ايتري ڏگهي ٿي وڃي جو ڇهه نمازن جو وقت گذري وڃي پر هوش نه اچي ته اهي نمازون معاف آهن ۽ انهن جي قضا به لازم ناهي. (2) عورت کي حيض يا نفاس اچي ته اهڙي حالت ۾ نماز معاف آهي. انهن ٻنهي صورتن کان علاوه ڪهڙي حالت ۾ به نماز معاف ناهي. بيماري توڙي جو ڪيتري ئي سخت هجي پر نماز معاف ناهي، جيڪڏهن بيهڻ جي سگهه نه هجي ته ويهي ڪري نماز پڙهي، جيڪڏهن رڪوع ۽ سجدو نه ٿو ڪري سگهي ته مٿي جي اشارن سان رڪوع ۽ سجدو ڪري، جيڪڏهن ويهي به نماز ادا نٿو ڪري سگهي ته ليٽي اشاري سان پڙهي، جيڪڏهن ليٽي مٿي سان به اشارو نه ٿو ڪري سگهي ته اُن وقت به نماز معاف نه ٿيندي، البت هُو في الحال نماز نه پڙهي جڏهن ٺيڪ ٿي وڃي ته انهن نمازن جي قضا پڙهي. ها، جيڪڏهن ڇهه نمازن جو وقت انهيءَ حالت ۾ گذري ويو ته ان جي قضا معاف ٿي ويندي. عين جنگ ۾ به مجاهد نماز پڙهندو، جيڪڏهن گهوڙي تي سوار هجي ۽ لهڻ جي مُهلت نه ملي ته ممڪن هئڻ جي صورت ۾ گهوڙي تي ويٺي ويٺي اشاري سان نماز پڙهندو، اهڙي طرح سخت لڙائي ۾ به ممڪن هئڻ جي صورت ۾ اشاري سان رڪوع ۽ سجدو ڪري نماز ادا ڪندو. قرآنِ مجيد ۾ جيتري قدر نماز جا تاڪيدي احڪام ۽ نماز ڇڏڻ تي سخت وعيدون آيون آهن ايتري

تاڪيد ۽ وعيد ڪنهن ٻئي عبادت جي لاءِ ناهي آئي. نماز جي فرضيت جو انڪار ڪرڻ وارو بلڪ ان جي فرضيت ۾ شڪ ڪرڻ وارو به ڪافر آهي ۽ اسلام کان خارج آهي ۽ ڄاڻي واڻي هڪ وقت جي نماز به ڇڏڻ وارو فاسق، سخت گناهگار، عذابِ نار جو حقدار آهي. افسوس! اڄڪلهه ڪجهه مسلمان جيڪي نمازي سڏرائن ٿا انهن جو اهو حال آهي جو ٿورو انهن کي بخار يا مٿي ۾ سور ٿيندو آهي ته نماز ڇڏي ڏيندا آهن، انهن کي معلوم هئڻ گهرجي ته جيستائين اشاري سان به نماز پڙهڻ جي طاقت رکن ٿا ته نماز پڙهڻي پوندي نه ته عذابِ نار جا حقدار ٿيندا. اللّٰهُ رَبُّ الْعِزّت اسان سڀني کي روزانو پنج وقت باجماعت نماز پڙهڻ جي سعادت نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بار بار نماز جي اهميت تي زور ڏنو آهي ۽ اسان جي ترغيب جي لاءِ بيشمار فضيلتون به بيان ڪيون آهن. جيئن ته

## امتِ مصطفٰي سان موسٰي جي همدردي

شهنشاهِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: اللّٰه پاڪ منهنجي امت تي پنجاهه نمازون فرض ڪيون هيون. جڏهن مان حضرتِ موسيٰ (عَلَيْهِ السَّلَام) وٽ واپس موٽي آيس ته حضرت موسٰي (عَلَيْهِ السَّلَام) پڇيو اللّٰه پاڪ اوهان جي اُمّت تي ڇا فرض فرمايو؟ مون کين ٻڌايو ته: اللّٰه پاڪ مون تي 50 نمازون فرض ڪيون آهن. تنهن تي حضرتِ موسيٰ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام چوڻ لڳا: پنهنجي ربّ وٽ واپس وڃو. ڇوته اوهان جي اُمّت کان اهو نه ٿي سگهندو. مان واپس موٽي اللّٰه پاڪ جي بارگاهه ۾ ويس، اللّٰه پاڪ پنجاهه (50) نمازن مان ڪجهه گهٽ ڪري ڇڏيون. جڏهن

وري حضرتِ موسيٰ (عَلَيْهِ السَّلَام) وٽ آيس، تہ حضرتِ موسيٰ (عَلَيْهِ السَّلَام) مونکي وري اهو عرض ڪري موٽايو. الله پاڪ فرمايو: پلا پنج (5) نمازون آهن ۽ پنجاه جي برابر آهن ڇوجو اسان جي قول ۾ تبديلي ناهي ٿيندي. پوءِ مان حضرتِ موسيٰ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام وٽ موٽي آيس. انهن چيو: وري الله پاڪ وٽ وڃو. مون جواب ڏنو مون کي تہ هاڻي پنهنجي ربّ کان حَياء محسوس ٿئي ٿو.

(ابن ماجه جلد2 ص 166، حديث 1399)

## پنج نمازون پڙهو پنجاه جو ثواب ڪمايو

حضرت سيدنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمايو: سرورِ ڪائنات تي معراج جي رات پنجاه نمازون فرض ڪيون ويون، پوءِ گهٽ ڪيون ويون، ايستائين جو پنج رهجي ويون، پوءِ آواز ڏنو ويو: اي محبوب (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)! اسان جي ڳالھ ناهي بدلجندي ۽ اوهان جي لاءِ هنن پنجن جي بدلي ۾ پنجاه جو ثواب آهي. (ترمذي شريف جلد 1 ص254، حديث213)

## موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام مدد فرمائي

اي عاشقانِ رسول! ڏنو اوهان! حضرت سيدنا موسيٰ ڪليم الله عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي ظاهري وفات جي اڍائي هزار سالن کان پوءِ امتِ مصطفيٰ جي اها مدد فرمائي تہ شبِ معراج ۾ پنجاه نمازن جي بدران پنج ڪرايون. الله پاڪ کي خبر هئي تہ نمازون پنج رهنديون پر پنجاه مقرر فرمائي ڪري پوءِ بہ پيارن جي ذريعي پنج مقرر فرمايائين. هتي دلچسپ ڳالھ اها آهي تہ جيڪي ماڻهو شيطان جي وسوسي ۾ اچي انتقال ڪري ويلن جي مدد ۽ تعاوُن جو انڪار ڪري ڇڏيندا آهن اهي بہ 50 نہ پنج نمازون ئي پڙهندا آهن حالانڪ پنج نمازن جي مقرر ٿيڻ ۾ يقيني طور

غيراللهﷻ (يعني الله ﷻ کانسواءِ) جي ۽ اها بہ وفات کان بعد ڪئي ويندڙ مدد شامل آهي.

## راندين جو شوقين

پاڻ کي نمازن جو پابند بڻائڻ، شيطاني وسوسن کان بچائڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي سوچ ماڻڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ، ”دعوتِ اسلامي“ جي ديني ماحول سان هردم وابستہ رهو. اچو! هڪ ”مدني بهار“ ٻڌون ٿا: پنڊي گهيب (ضلع اٽڪ، پنجاب) جو اسلامي ڀاءُ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ، ”دعوتِ اسلامي“ جي مشڪبار ديني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان اڳ گناهن ڀري زندگي گذاري رهيو هو. سڄو ڏينهن ڪرڪيٽ کيڏڻ ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٽي وي تي فلمون ۽ ڊراما ڏسڻ ان جو محبوب مشغلو هو. معاذالله نماز پڙهڻ تہ رهيو پري ڪو نماز پڙهڻ جو چوندو هو تہ ان جي ڳالھ مڃڻ جي بدران ان تي ڪاوڙ ڪندو هو. والدين سان بدڪلامي کان پيش ايندو هو ۽ ڀينرن ڀائرن سان برو سلوڪ ڪندو هو. ان جي محلي جا ڪجھ اسلامي ڀائر جيڪي دعوتِ اسلامي جي ماحول سان وابستہ هئا، اهي انفرادي ڪوشش جي ذريعي ان کي نماز پڙهڻ ۽ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي دعوت ڏيندا رهندا ها پر هُو لَنوائي ويندو هو. پوءِ هڪ اسلامي ڀاءَ ان جو ذهن بڻايو تہ گهٽ ۾ گهٽ مدرسة المدينہ (بالغان) ۾ ئي شرڪت ڪندا ڪريو ان جي برڪت سان قرآنِ ڪريم تہ درست پڙهڻ سکي ويندؤ. اسلامي ڀاءَ جي ڳالھ اُن جي سمجھ ۾ اچي وئي ۽ اهو پنهنجي علائقي جي مسجد ۾ مدرسة (بالغان) ۾ پڙهڻ لڳو. مدرسة المدينہ جو ماحول ان کي چڱو لڳڻ لڳو ۽ هُو باقاعدگي سان اچڻ لڳو. الله پاڪ جو ان تي فضل ۽ ڪرم ٿيو جو

ان مدرسة المدينه (بالغان) جي برڪت سان نمازون پڙهڻ شروع ڪري ڏنيون ۽ بيشمار سنتون ۽ ديني مسئلا سکڻ جو موقعو به هٿ آيو. ڪجهه ئي عرصو گذرڻ بعد اهو ئي ديني ماحول جنهن کان هو پري ڀڄندو هو، انهيءَ ماحول سان وابسته ٿي ويو.

تمہیں لطف آجائے گا زندگی کا
قریب آکر دیکھو ذرا مدنی ماحول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## صبر ۽ نماز کان مدد گهرو

دعوتِ اسلامي جي مڪتبة المدينه جي ترجمي واري قرآن، ”ڪنزالايمان مع خزائن العرفان“ جي صفحي 17 تي سيپاري 1 سورة بقره جي آيت 45 ۾ ارشاد آهي:

وَاسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ وَ الصَّلٰوةِ ؕ وَ اِنَّهَا لَكَبِيْرَةٌ اِلَّا عَلَى الْخٰشِعِيْنَ ﴿۴۵﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ صبر ۽ نماز کان مدد وٺو ۽ بيشڪ نماز ضرور ڳري آهي مگر انهن تي (نه آهي) جيڪي دل سان منهنجي طرف جهڪندڙ آهن.

صدرالافاضل حضرت علامه مولانا سيد محمد نعيم الدين مراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن آيت جي حوالي سان لکن ٿا: يعني پنهنجي حاجتن ۾ صبر ۽ نماز کان مدد گهرو (وڌيڪ لکن ٿا:) هن آيت ۾ مصيبت جي وقت نماز کان مدد جي تعليم به ڏني وئي، ڇوجو اها عبادتِ بدنيه ۽ عبادتِ نفسانيه جي جامع آهي ۽ ان ۾ قربِ اِلٰهي حاصل ٿيندو آهي. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهم معاملن جي پيش اچڻ تي نماز ۾ مشغول ٿي ويندا

هئا. هن آيت ۾ اهو به ٻڌايو ويو ته مؤمنينِ صادِقين (سچن مسلمانن) کان علاوه ٻين تي نماز ڳري آهي. (خزائن العرفان ص17)

## جڏهن بارگاهِ رسالت ۾ بُک جي حاضري ٿيندي هئي

حضرتِ مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن آيتِ مبارڪ جي حوالي سان لکن ٿا: هتي ”صلوٰة“ مان يا ته پنج وقت جي نماز مراد آهي يا خاص نماز. يعني پنج ئي نمازن جي ذريعي مدد حاصل ڪرڻ، هر مصيبت جي وقت خاص نمازن کان، ڏکار ۾ نمازِ استسقاء کان ۽ خاص مصيبت جي وقت نمازِ حاجت وغيره کان. ڇوته نماز انسان کي دنيا کان بي خبر ڪري الله تعالٰي جي طرف متوجه ڪري ڇڏيندي آهي انڪري هن جي برڪت سان دنيا جون مشڪلاتون دل مان ڪڍيون ويندديون آهن. ”(صاحبِ) تفسيرِ عزيزي“ هن آيت جي تفسير ۾ لکيو آهي ته نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي گهر ۾ فاقو هوندو هو ۽ رات جو ڪجهه نه ڪائيندا هئا ۽ بُک غالب ٿي ويندي هئي ته نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسجد ۾ اچي نماز ۾ مشغول ٿي ويندا هئا.
(تفسيرِ نعيمي جلد1ص299 کان 300)

## جڏهن پٽ جي وفات جي خبر ملي (حڪايت)

حضرت اِبنِ عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پٽ جي وفات جي خبر ٻڌي نماز ۾ مشغول ٿي ويا ۽ نماز کي ايترو ڊگهو ڪيائون جو جڏهن ماڻهو سندن پٽ کي دفنائي موٽيا تڏهن پاڻ فارغ ٿيا. ماڻهن ان جو سبب پڇيو ته پاڻ فرمايائون مونکي هن فرزند (يعني پٽ) سان تمام گهڻي محبت هئي، مان جدائي جو صدمو برداش نه پئي ڪري سگهيس، تنهنڪري مان نماز ۾ مشغول ٿي هن صدمي کان بي

خبر ٿي ويس ۽ پاڻ هيءَ آيت ﴿وَاسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ وَالصَّلٰوةِ﴾ ترجمو: ۽ صبر ۽ نماز کان مدد وٺو) پڙهيائون. (تفسيرِ نعيمي جلد1ص299 کان300)

جنت میں نرم نرم بچھونوں کے تخت پر
آرام سے بٹھائے گی اے بھائیو! نماز

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مسجد جي هوا ايمان جي درستگي جي لاءِ فائديمند آهي

حضرتِ مفتي احمد يارخان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ جڳهه تي فرمائن ٿا: نماز مصيبتن جو بهترين علاج ۽ رحمتون حاصل ڪرڻ جو اعلٰي ذريعو آهي، نماز سان بدن جي صفائي، لباس جي پاڪائي، پاڪيزه اخلاق، آخرت جي الفت، دنيا کان بي رغبتي، رب سان محبت حاصل ٿيندي آهي هن شرط تي جو دلي توجهه سان پڙهجي. جيئن مختلف دوائن ۾ مختلف تاثِيرَ آهن، ائين ئي نماز ۾ اهو تاثِيرُ آهي تہ اها برائين ۽ بدڪارين کان بچائيندي آهي ۽ جيئن جبلن جي هوا تندرستي جي لاءِ مفيد آهي ائين مسجد جي هوا ايمان جي درستگي جي لاءِ فائديمند هوندي آهي، نماز ۾ هڪ خاص ڳالهه هيءَ آهي تہ اها انسان جي خيال کي هٽائي ڇڏيندي آهي يعني دنيا کان بلڪل غافل ڪري رب (پاڪ) ڏانهن متوجهه ڪندي آهي جنهن سان انسان دنياوي غم وساري ڇڏيندو آهي ۽ فارغ ٿي اهڙو مسرور (يعني خوش) هوندو آهي جو ان کان پوءِ دل ۾ مصيبت جو وڏيڪ احساس ناهي ٿيندو، ڏسو! مصري عورتن يوسف جي حسن تي فدا ٿي پنهنجون آڱريون

ڪتي چڙيون ۾ انهن کي بلڪل تڪليف به نه ٿي، بجاءِ واويلو! ڪرڻ جي اهو چونديون رهيون ته مَا هٰذَا بَشَرًا ؕ اِنۡ هٰذَاۤ اِلَّا مَلَكٌ كَرِيۡمٌ ﴿۳۱﴾
(ترجموڪنزالايمان: هيءُ ته بشر جي جنس مان نه آهي، هيءُ ته نه آهي مگر عزت وارو ملائڪ.) (پ12 سورة يوسف آيت31) (تفسير نعيمي جلد2 ص78)

رحمت کے شامیانوں میں خوشبو کے ساتھ ساتھ
ٹھنڈی ہوا چلائے گی اے بھائیو! نماز

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سڪرات ۾ آقا ڪريم جي جلوي جي لذت

رب جو قسم! جيڪڏهن سڪرات جي حالت ۾ جمالِ مصطفائي نصيب ٿي وڃي ته ان وقت به ڪا تڪليف محسوس نه ٿئي بلڪ ڪيفيت هي هجي ته جان ته نڪري رهي هجي ۽ زبان تي هي جاري هجي ته موليٰ! اوهان جي شڪل ۽ صورت تي قربان! اوهان جي وَارن تي قربان! توهان جي چال تي صدقي! توهان جي مسڪراهٽ تي نثار. صَلَّی اللہُ عَلَیْهِ وَسَلَّمَ عَلٰی خَیْرِ خَلْقِهٖ سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّ اٰلِهٖ وَبَارَكَ وَسَلَّمَ
(تفسير نعيمى، ج۔ ۲، ص۔ ۷۸)

سکرات میں گر روئے محمد پہ نظر ہو
ہر موت کا جھٹکا بھی مجھے پھر تو مزہ دے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

